# پاڻ مراديون ڳالهڙيون

مخدوم سعيد الزمان عاطف



Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ڏات ـــــ ٦

ڪتابي سلسلو

## پاڙ مراديون ڳالهڙيون

Gul Hayat Institute

ڏات نہ آهي ذات تي،
جو گهري سو لهي.

(جملي حق ۽ واسطا محفوظ)

تعداد: ١٠٠٠
ڇاپو: پهريون
موضوع: شاعري
شاعر: مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' سروري
ڇپائيندڙ: ذات ڪتابي سلسلو حيدرآباد
ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇي، حيدرآباد سنڌ
ڇپجڻ جي تاريخ: مئي ١٩٨٨ع
ڪور ڊزائين: عبدالفتاح هاليپوٽو

ڏس:
١- A - 8 يونٽ - 3 لطيف آباد حيدرآباد

٢- مخدوم سعيدالزمان پوسٽ آفيس هالا
ضلع حيدرآباد

قيمت ١٥-٠٠ روپيا

Gul Hayat Institute

# ترتيب

سعيدل جي ڪتاب لاءِ — مخدوم طالب المولي
مخدوم سعيدالزمان 'عاطف'

Gul Hayat Institute

—


| | |
|---|---|
| ڪافيون | ۱ کان ۱۰ |
| رباعي | ۱۱ |
| قطعا | ۱۲ کان ۱۳ |
| مستزاد | ۱۴ |
| غزل | ۱۵ کان ۵٦ |

عاطف جي شاعري واري ذوق شوق هالا جي شاعري واري خاموش فضا ۾ چِرُ پرُ پيدا ڪئي ۽ ورهن کان بند ٿيل شاعري کي آزادگي ملي ۽ "مرڪزي بزم طالب المولي" شاندار ڪنوينشن گهرايو. نه فقط ايترو بلڪ هر سال ڪنوينشن سڏائڻ جو سلسلو جاري ٿيو ۽ بزم طالب المولي جي سلور جبلي به ملهائي وئي. نه رڳو ايترو پر "مرڪزي بزم طالب المولي" جي آئين موجب سال ۾ چار پيرا "انتظاميه ڪائونسل" جون گڏجاڻيون به شروع ٿيون. انهي سرگرمي هالا جي شاعرانه بي حس ماحول ۾ به نئون روح پيدا ڪيو ۽ نوان نوان شاعر وجود ۾ اچڻ لڳا ۽ جهونا شاعر به نئين جوش ساڻ ميدان ۾ آيا. مگر افسوس سان لکڻو پوي ٿو ته عاطف صاحب في الحال شاعري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي آهي، البته مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو رهي ٿو.

عزيزي سعيد ل اگرچ منهنجو شاگرد آهي مگر سندس شاعري نرالي ۽ ذاتي خيالن واري آهي، نه سندس شاعري ۾ ڪاپي آهي نه چوري ۽ نه ئي استاد جي اهل. غزل ۾ سندس زبان، سندس تخيل ۽ سندس خاص انداز آهي. مٿي جيڪي به لکيو اٿم اهو بلا خوشامد ۽ بلا تڪلف جي لکيو اٿم. عاطف جي غزل جي هڪ هي خوبي به آهي ته ان ۾ مصنوعيت ناهي هر پڙهندڙ سندس خيال پنهنجي حال وٽان سمجهندو آهي.

**طالب المولي**

۱۵- سپٽمبر ۱۹۸۷ع

"باسٽن" آمريڪا

كراچي

١٩٨٧-٦-٣

ڪائنات جي عظيم ترين حصي سنڌ ۾ آئون چوڏهين آڪٽوبر اوڻيهه سئو ٻاهٺ ۾ ڄائس. زندگيءَ جي مختلف مرحلن مان گذري جڏهن اوڻيهه سئو ستهتر ۾ پهتس ته ان وقت آئون گذريل ڇهن ستن سالن جي ذاتي مشڪلاتن سبب يقيناً ناپسنديده شخص هئس.

اوڻيهه سئو اٺهتر ۾ مونکي ڪائنات جي حسين نعمت ملي، جنهنکي دنيا پيار، محبت ۽ عشق جهڙا نالا ڏئي ٿي، ان پيار ڏيندڙ، محبت ڪندڙ دلربا مون مان آهستي آهستي سڀ عيب ڪيڻ شروع ڪيا ۽ سچ اهو آهي ته مون هن جي ئي ڪري هر برائي ڇڏي ۽ هن جي ئي احساس ڏيارڻ ڪانپوءِ مون پنهنجو فرض سمجهي والدين جي خدمت ڪئي ۽ مختلف زميداريون سنڀاليون. منهنجي شاعري به ان جي ئي عطا ڪيل آهي.

فقط

(مخدوم سعيد الزمان عاطف)

هالا نوان

Gul Hayat Institute

١

# ڪافي

آهين ياد سدا تون جاني،
دل تو ڪئي آهي ديواني.

ويا سال لنگهي تولئه سڪندي - ٿيا ڏينهن گهڻا توکي ڏسندي،
توکان جدا جيان پيو ٻڇندي - وڃي عمر پٺي منهنجي هڇندي،
جيئين مرجهائي گل ٽڙندي - ڪڏهن ساه به تو هٿ ڪنجهندي،
اڃي مونسان ملجان کلندي - خوش ٿيندس توسان ملندي،
آهي توکان سوا حيراني.

الفت ۾ ٿيس مستانو - تولاء ڇڏيم سارو زمانو،
تو سوا نه ڪجهه به سهانو - لڳي گلشن ٿو ويرانو،
دل توکي ڏنم نذرانو - ٿي ويس سنده پروانو،
پلي دنيا ناهي فسانو - آهيان تنهنجو پر پروانو،
تنهنجي در جي ڪپي درباني.

تو وٽ ير نيٺ ته رسندس - تو سوا نه ٻئي ڏي وڏندس،
پنهنجي پيار جو پرم به رکندس - تنهنجا ناز سدائين ڪٽندس،
تنهنجي خاطر سور به سهندس - توسان قدم ملائي هلندس،
توکان ڪڏهن به ڪونه مان ڦرندس - تولاء مرڻو پيو ته به مرندس،
تولاء ڏيندس هر قرباني.

ڏي سهڻل ڪا دلداري - اچ مهر ڪري مختاري،
ڏسان تنهنجي صورت پياري - جنهن منهنجي دل آڌتاري،
منهنجي آهي رڳو توسان ياري - تنهنجي الفت جان آڳاري،
تولئه دلڙي رڙي ٿي ويچاري - اچي مونتي ڪر منٿاري،
تنهنجو ڪٿ به نه آهي ثاني.

Gul Hayat Institute

(٢)

توکان يار جدا، رهڻ حال ٿيا، سڪندي ڪئين سال وہا.

پنهنجي اُلفت پيارا هميشه رهي،
ٻلي پاڻ سان دنيا ٿهي نه ٿهي،
هر دم ڪريان دُعا.

پنهنجي زلفن سان تو قيد ڪيو،
پنهنجي نظر سان مونکي ماري ڇڏيو،
ڪيڏهن ويندس ٻلا.

مون ڪئي آهي توسان ٿي وفا،
پنهنجي چاهت ۾ ڪا ناهي جفا،
وعدا پُورا ڪبا.

چاهيان ٿو صنم تون جلدي ملين،
۽ عمر سڄي مونسان گڏجي رهين،
پُڌندو نيت خدا.

هر وقت پيو تنهنجون واٽون ڏسان،
تنهنجي ئي سهاري تي پيو جيان،
ايندين ڪڏهن رمتا.

ڏينهن رات صنم تنهنجي ياد اٿم،
دل توکان رسوا ناشاد اٿم،
چاهت پاريا ٻنا.

تنهنجي جلون ڪئي منهنجي دلڙي
چري،
جي نه ايندي ته 'عاطف' ويندو
مري،
جلدي اچ دلربا.

٩- فيبروري ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

تون اگر مونسان سدا جي ڪنڌجي رهين،
هر قدم تي رکو تولي مان پيار ڏيان،
تو ڏسان تنهنجا سڀئي درد ۽ غم ٽولي،
پنهنجي هر ڪا خوشي تولي ڏيئي ڇڏيان.

مون ٿي چاهيو ملي مونکي هڪ مهربان،
جنهن جي الفت تان پنهنجي ڪيان دل فدا،
پيار جي بدلي مونسان ڪري پيار هو،
۽ بڻايان انهيءَ کي مجازي خدا،
سو خدا مون کي مليو سنده روپ ۾،
چاهيان ٿو سدا گڏجي تو سان رهان.

هر گهڙيءَ ياد تنهنجيءَ ۾ ڦٿڪان پيو،
دور تو کان صنم وقت گذري نٿو،
هر طرف يار توکي ٿي مان ٿو ڏسان،
تو سوا منهنجي دل ۾ نه آهي ڪو پيو،
چاهيان ٿو ته جيسين به زنده رهان،
توکي پنهنجي گلي سان لڳائي رکيان.

آهي توسان سڄي منهنجي هر ڪا خوشي،
توکي آهي مون سمجهيو سندم زندگي،
رات ڏينهن ياد تنهنجي رهي ٿي صنم،
تنهنجي ديدار کي سمجهان ٿو مان بندگي،
جي سوا تنهنجي ڪنهن ٻئي ڏي آئون وڃان،
ان گهڙيءَ کان وٺي ڄڻ ته ڪافر ٿيان.

پنهنجي نازڪ نظر سان ڦٽي تو ڇڏيو،
زخم انجي تہ آهين رڳو تون دوا،
پنهنجي ٻانهن ۾ مونکي هميشه تون رک،
مونکي هرگز نہ خود کان ڪجئين تون جدا،
تنهنجي ٻانهن سان ٻانهون ملائي جيان،
۽ وري تن ڏي ٻانهن ۾ آئون مران.

تنهنجي جلون کيو آهي مونکي چريو،
تنهنجي ئي پيار ۾ مست آهيان صنم،
هر گهڙي تنهنجي يادن ۾ گم ٿو رهان،
دور مونکان رهي ڇو ڪرين ٿو ستم،
هاڻ تنهنجي جدائي سهڻ آ ڏکي،
جي نہ ايندين تہ مشڪل آ زنده بچان.

منهنجي دل ۾ تہ آهين رڳو تون سڄڻ،
مونکي مدهوش تنهنجي ڪري ٿي نظر،
آهيان جسم مان، منهنجي آهين تون جان،
تون ئي آهين اي سهڻا سندم همسفر،
جيڏهن توکي ڏسان ٿو اي ماهِ لقا،
بي خوديءَ مان ٿو پيارا مان توڏي وڌان.

ڳوڙها اکڙين مان منهنجي ڪِريا ڪونہ پر،
ياد توکي ڪري دل ٿي دل ۾ رنم،
ڪيترو وقت هڪ ٻئي کان رهبو پري،
مونکي ڳاري پيو هڪ اهو ئي تہ غم،
سوچيان پيو شڪايت ڪريان توسان ڪيئن،
سور دل جا سوا تنهنجي ڪنهن کي چوان.

Gul Hayat Institute

مُونتي مهرون ڪري اڄ رهتي دلربا،
منهنجو تو ڪان سوا پيو نه ڪنهن ۾ ڪو ڪم،
دل ته ’عاطف‘ جي پهرين ڪان آهي چري،
هاڻ ٿينديون وڃن ٿيون هي اکڙيون به نم،
تنهنجي آهي جدائي گهڻي مون سٽي،
هاڻ جلدي هلي آ تون اي جانِ جان.

٢١- فيبروري ١٩٨١

Gul Hayat Institute

## (٤)

ڏک لڪائي کلو مسڪرائي ملو،
سوچيو زندگيءَ ۾ سڀني جو ڀلو.

هي زمانو اصل کان رکي ساز ٿو،
جو ٻين سان رهي خوش سڀن ۾ آ ڪو،
ٻو ٻين جي خوشين کان نه هرگز جلو.

خوش رهڻ لئه ٻين جي نه ڦريو خوشي،
زندگيءَ ۾ سڀن سان رکو دوستي،
۽ ٻين کي نه ڏک ڏئي پو خوش ٿي ٿلو.

ڪنهن به انسان جي دل نه ٽوڙڻ کپي،
۽ چڱائي سڀن لاءِ سوچڻ کپي،
هر ڀلائيءَ جو آخر ته ملندو صلو.

جو ٿئي زخم ٿو ان جي ملندي دوا،
نيٺ هڪ ڏينهن پنهنجي به ٻڌندو خدا،
درد سهندي به رکبو سدا حوصلو.

غم نه جنهن ۾ مليا زندگي ڇا اها،
۽ ڏکن جي پنيان ٿا ملن سک سدا،
نيٺ پنهنجو به هڪ ڏينهن ٿيندو ڀلو.

آخر ڪار هڪ ڏينهن مرڻو به آ،
ساري سنسار کي خوش ته ڪرڻو به آ،
زندگيءَ ۾ سڀن سان رهائي هلو.

ظلم جيڏو به ٿئي اک ڪڏهن نم نه ٿئي،
ڪنهن جي سامهون به ظاهر اهو غم نه ٿئي،
زخم دل جا اڙي 'عاطف' وساري ڪلو.

٦- مارچ ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

## (٥)

سڄڻ پيرا ستم سهبو توکي نه ڪڏهن ڇڏبو،
دنيا جي اصولن کي ٺڪرائي هليو اچبو.

هر وقت ڏسان توکي گڏجي مان رهان توسان،
قدمن ۾ مران تنهنجي ۽ عمر جيان توسان،
توکي ئي ڏسڻ کان پو ڪيئن ٻئي ڏي پلا ڏسبو.

تولاءِ ته دولت ڇا دنيا به ڇڏي ڏيندس،
ٺڪرائي اصولن کي توڏي ئي سڄڻ ايندس،
دنيا سان ٽڪر رهندو هرگز نه قدم رکبو.

دنيا جو ته ڪم آهي دل پيار ڀري ٽوڙڻ،
عشاق جو ڪم آهي دنيا ئي سڄي موڙڻ،
دنيا کي ڇڏي جاني توڏي ئي رڳو وڌبو.

هي زخم ڏنو آ تو ۽ تون ئي دوا آهين،
هن ساري زماني ۾ تون منهنجو منا آهين،
ٿي دل هي چوي منهنجي تنهنجو ئي سدا رهبو.

توکي ئي ڏسڻ چاهيان توسان ئي رهڻ چاهيان،
توسان ئي جيئڻ چاهيان تو وٽ ئي مرڻ چاهيان،
اقرار آ 'عاطف' جو الفت جو ڀرم رکبو.

١٣- مارچ ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

(٦)

محبت جو مهراڻ هر هڪ پل ۾ ڇوليون ماري،
منهنجي بدن ۾ رچيل آهي تنهنجي سڄڻ سرهاڻ،
دلبر سائين دل هي چوي ٿي مونکي سدا رک ساڻ،
دنيا ته ڇا عُقبا ۾ ڇڏي ڏيان مڙئا تنهنجي ڪاڻ،
منهنجي دل ۾ تون ئي آهين توکي سڄي آ ڄاڻ،
دلڙي ڦٽڪي يار چوي ٿي دور آهين ڇا ڪاڻ،
تون ئي منهنجو سيڪجهه آهين ٻئي جي ڪيان ڇو ڪاڻ،
'عاطف' جو ايمان آهين تون رهه نه مونکان اڻ ڄاڻ.

٢٢ مارچ ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

( ٧ )

جيسين جيئرو آهيان توسان پيار ڪبو،
توکي خود کان ڪڏهن به نه ڌار ڪبو.

توکي مونکي ڏسيو ٿا ماڻهو سڙن،
اکثر ٿا پاڻ سان حسد رکن،
پنهنجي اُلفت کي ٿا ڏوهه چون،
هي ڏوهه سڄڻ هر بار ڪبو.

آهي پياري سڄڻ تنهنجي اک جي اٽي،
وئين اکڙيون ملائي دلڙي کٽي،
مونکي تنهنجو قسم ڏاڍو تو وٽي،
توکي ياد سدا سهٽا يار ڪبو.

تون دل جي هر ڌڙڪن ۾ آهين،
منهنجي اکڙين ۾ تو تون ئي وسين،
منهنجي ذهن تي پڻ ڇانيل تو رهين.
سوچيان پيو ڪڏهن ديدار ڪبو.

پنهن جي پريت سڄڻ مان نڀائيندس،
تو ڏي ئي قدم پيو وڌائيندس،
تو لءِ واتون واجهائيندس،
پنهن جو پورو هر اقرار ڪبو.

تون 'عاطف' آهين مُنهنجا مٺا،
توکي ياد ڪريان تو صبح و مسا،
اچ مون وٽ تون اي ماهِ لقا،
تو بن ير ڪيئن سينگار ڪبو.

١٥- اپريل ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

# رباعي

ڪو شوخ حسين منهنجو به مطلوب آهي،
دنيا ۾ رهي دنيا کان هو خوب آهي،
آئون به فقط هن جو ئي آهيان هر دم،
’عاطف‘ سان رگو هوئي ته منسوب آهي۔

٢- مئي ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

# قطعا

( ١ )

جو تون نہ آھين صنم پوءِ ڪا خوشي ڪيئن ٿئي،
ڏسان نہ توکي تہ پو منھنجي بندگي ڪيئن ٿئي،
مون عُمر ساري رڳي تنھنجي نالي آھي ڪئي،
جي تون بہ دور رھين پوءِ زندگي ڪيئن ٿئي.

٦- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

( ٢ )

مُحبت ۾ دنيا سان ٽڪرائڻو آ،
زماني سڄي کي پنو ٽڪرائڻو آ،
سميرا ۽ 'عاطف' ڪڏھن ڌار ناھن،
خدا جي خدائيءَ کان ڇورائڻو آ.

٦- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

( ٣ )

تو گھنڊ وجھي جو ڏنو ان کي تنھنجو پيار چيم،
وري ڪلي جو کنيئي نيڻ سا بھار چيم،
لڳائي سيني سان مون کي لبن مان پياري چڏيئي،
وري خودئي پي ٽڙئين اُن کي بس خمار چيم.

٦- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

( ٤ )

لبن تي لالمي ڏسم ۽ گُلاب ياد آيو،
جو رُخ تان پردو هٽيو ماھتاب ياد آيو،
نگاھ ناز کي شرمائي تو جو ھيٺ ڪيو،
پراڻو دل ۾ لڪايل ڪو خواب ياد آيو.

٢٥- سپٽمبر ١٩٨١، حيدرآباد

Gul Hayat Institute

(٥)

اي رشڪ جام نظر سان پيار پيو مون کي،
مان تہ هُجان ۽ تون ماڻن سان مار پيو مون کي،
سنڌء گلي سان لڳي نيم خواب مان ٿي وڃان،
وري سنڀالي صنم تون سنوار پيو مون کي.

٢٦- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

(٦)

هڪ مهرخ سان منسوب آهيان،
محبوب جو مان محبوب آهيان،
جو مون کان وڌيڪ مون کي پيارو،
اُن دلبر کي مطلوب آهيان.

٢٨- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

(٧)

صنم جنهن واٽ تان گذري سا رشڪ ڪهڪشان ٿي پئي،
رکي جت هو قدم پنهنجو اهو هند آسمان ٿي پئي،
اگر گلزار مان گذري تہ گلشن گلفشان ٿي پئي،
وڃي ويراني ۾ گر هو تہ سو پڻ گلستان ٿي پئي.

٢٩- سپٽمبر ١٩٨١، هالا

(٨)

هُجي ڪو پنهنجو تہ اُن سان ڪٿي گِلا بہ ڪجي،
وفا نہ چاڙهي جو، اُن بي وفا کي ڇا چئجي،
وڇوڙو پيار ۾ پئدا تہ آهي مولي ڪيو،
هُجي ڪو انسان تہ چئجي خدا کي ڇا چئجي.

٢٩- نومبر ١٩٨١، هالا

# مستزاد

ورتو آ، رهن جهان ۾ تولاءِ مـــون جنم – منهنجا منا صنم،
مون تي نه تون ڪجائين هرگز ڪڏهن ستم – منهنجا منا صنم.

تنهنجي ڪري اي دلبر سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنم – آهي سنڌ ءِ قسم،
توڙي ڏ ـي پيو وڏايـــان سهڻا ســدا قدم – منهنجا منا صنم.

”تنهنجي ڏي ديد منهنجي دلبر تي بندگي“ – توسان سندم خوشي،
مون تـ ـي رهيو آ تنهنجو سهڻا سدا ڪرم – منهنجا منا صنم.

تون ڏي سندم محبت آهين جهان به تون – ءِ گلستان به تون،
توسان ڏي آهي منهنجو وابسته هرڪو دم – منهنجا منا صنم.

توبن جيان اي جاني ممڪن اهو نه آ – جاڻي تو هڪ خدا،
لب نام تنهنجو چوندا پل ســر ٿئي قلم – منهنجا منا صنم.

مون کي جيئڻ جي لئه ير تنهنجي وفا کپي – اي جان دوا کپي،
منهنجو ته هن جهان ۾ تنهنجي ڏي دم سان دم – منهنجا منا صنم.

پل پيار جا مخالف ڪئين ڪوششون پيا ڪن – توڙي نٿا سگهن،
’عاطف‘ ته رهندو تنهنجو هرگز نه ڪر تون غم – منهنجا منا صنم.

٨- فيبروري ١٩٨٢، ڪراچي

Gul Hayat Institute

## ( ٢ )

منهنجا مٺڙا صنم منهنجا پيارا صنم،
تنهنجي ٻاجھ آهي منهنجو ته هرڪو قدم.

تو کي ڏسندو رهان توسان کلندو رهان،
توسان ڪريان پيار آئون ٿيو دمبدم.

تو کي ڏسندي اداس آهيان بي چين مسان،
تنهنجو آهي جو غم سو آ منهنجو به غم.

تون سلامت هجين ۽ سدائين کلين،
من نه چاهيان ڏسڻ تو سندءِ اکڙيون نم.

مان تنهنجي محبت ۾ آهيان ڪٺل،
تو سوا ڪونه ٻيو آهي ڪوئي سندم.

منهنجي جند جان تون منهنجو سر ساهه تون،
آهيان تنهنجو صنم مونکي تنهنجو قسم.

جي لطف ۽ تون سهڻا ۽ حاڪم سندم،
تو ٻاجھ دنيا ڇڏڻ آهي آسان ڪم.

١٠- ڊسمبر ١٩٨٠، هالا

Gul Hayat Institute

( ٣ )

منهنجا مُحب مٺا دلدار سڄڻ،
منهنجي اکڙين جا اي نار سڄڻ.

جي مون وٽ تون ناهين اي مٺا،
هي تخت لڳن ٿا دار سڄڻ.

هي دنيا ڀلي بدنام ڪري،
پرواه ناهي ڪا يار سڄڻ.

منهنجو آهي يقين خُدا ۾ سدا،
هو ڪڏهن نه ڪندو سون ڌار سڄڻ.

هي وقت آ ٿورو جُدائيءَ جو،
پو آهن رڳو ئي پيار سڄڻ.

’عاطف‘ جا سُهڻا پيارا پرين،
مونکي آهي سدا تنهنجي سار سڄڻ.

١٣- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ٤ )

جدا توکان جانب مان جي کونہ سگھندس،
الڳ توکان مٺڙا رھي کونہ سگھندس.

مان آھيان بدن تون سندم جان آھين،
سوا ساہ تنھنجي کٽي کونہ سگھندس.

رڳو تنھنجون راھون ڏسان پيو مان مِٺڙا،
سوا تو سفر ۾ ھلي کونہ سگھندس.

کري عشق ۾ تو چڏيو آھي قابو،
ٻئي کنھن سان ياري رکي کونہ سگھندس.

ھلي آ تون ھاڻي ھميشہ لاء مون وٽ،
جدائي سندءِ مان سھي کونہ سگھندس.

ازل کان ئي 'عاطف' اوھان جو آ سھڻا،
اوھان جو قسم آ ڦِري کونہ سگھندس.

١٤- ڊسمبر، ١٩٨٠، ھالا

Gul Hayat Institute

( ٥ )

جدا توکان ٿي ڪيئن يار جيان،
تون ٻڌاءِ مون کي ڪيئن ساهه ڪٽان.

تو جي مون کي ڇڏيو اي يار مٺا،
پو ٿيندو ڇا ويهي ڏسجان.

دولت بنگلا ۽ ماڙيون ته ڇا،
تنهنجي خاطر دنيا کي به ڇڏيان.

اي سُهڻا صنم اي مٺڙا صنم،
مون کي پاڻان جُدا هرگز نه ڪجان.

ڏک سُور هُجن تو کان دور سدا،
تنهنجي لاءِ دعا ڏينهن رات ڪريان.

آهي 'عاطف' جي دل جي هي صدا،
تو ساڻ صنم مان گڏجي رهان.

هالا — ١٤ ڊسمبر ١٩٨٠

Gul Hayat Institute

( ٦ )

آرزو منهنجي ديد محبوب آ،
منهنجي جند جان سان جو منسوب آ.

منهنجي دل کي هميشه ڪان ئي وئي،
دلربا جو پيار مطلوب آ.

هن زماني کي آئون ڇو چاهيان،
منهنجي دل صرف هن ڏي مرغوب آ.

هن زماني ۾ حسن وارا هزار،
هو جهان ۾ سڀن کان ئي خوب آ.

جنهن بنايو آ مون کي ديوانو،
سو سندم يار ئي ته محجوب آ.

هن سڄي ساري ملڪ ۾ ’عاطف‘،
صرف مون سان سو ئي منسوب آ.

هالا — ١٩ ڊسمبر، ١٩٨٠

Gul Hayat Institute

( ٧ )

جڏهن عقل جي انتها ٿيندي آهي،
تڏهن عشق جي ابتدا ٿيندي آهي.

ڏئي عقل کي قلف وڏيو آ اڳتي،
وساري ڇڏيو دنيا ڇا ٿيندي آهي.

اگر عقل کان ڪم وٺڻ تا جي چاهيو،
ته پو پيار هڪڙي بلا ٿيندي آهي.

وڌائي قدم کي نه پو روڪيو آ،
تڏهن پيارا پوري وفا ٿيندي آهي.

جڏهن پرت ۾ پير پائي تو ڪوئي،
تڏهن کان ئي دنيا خفا ٿيندي آهي.

اگر پيار ۾ ڪنهن قدم کي جي روڪيو،
اهائي ته ان جي دغا ٿيندي آهي.

ڪري پيار پو دور دلبر رهن تا،
انهيءَ کان نه بدتر سزا ٿيندي آهي.

اگر عشق چاهين ته ڇڏ عقل کي تون،
انهيءَ سان وفا ڇا ادا ٿيندي آهي.

محبت مٿاهين سڀن کان آ 'عاطف'،
سدا پيار ۾ دل صفا ٿيندي آهي.

١٩-ڊسمبر، ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

## ( ٨ )

هڪ جسم نه پر هڪ جان آهيون،
پنهنجي دردن جو درمان آهيون.

تون مون ۾ آهين آئون تو ۾ آهيان،
پنهنجي پيار جو پڻ سامان آهيون.

نه تون مونکي ڇڏين نه آئون توکي ڇڏيان،
هڪ ٻئي جي ٻئي جند جان آهيون.

هڪ آهيون هڪ ٿي جيئنداسون،
هڪ جسم آهيون هڪ جان آهيون.

هڪ ٻئي وٽ تما هر وقت رهون،
هڪ ٻئي جو پيار ۽ شان آهيون.

تون منهنجو صنم مان تنهنجو آهيان،
هڪ ٻئي جو پاڻ ئي مانُ آهيون.

تون 'عاطف' جو آئون تنهنجو رهان،
هڪ ٻئي جو پاڻ ارمان آهيون.

١٩- ڊسمبر ١٩٨٠، هالا

Gul Hayat Institute

(٩)

زماني ۾ تنهنجو سڄڻ مٽ نه آهي،
سندءِ سونهن منٺڙا ڪڏهن گهٽ نه آهي.

تمنا اٿم هي سدا خوش رهين تون،
سوا توکان جانب ڪو جهرمٽ نه آهي.

رڳو رات ۽ ڏينهن توکي پڪاريان،
سندءِ پيار دل ۾ ڪڏهن گهٽ نه آهي.

ازل کان وٺي آئون تنهنجو ئي آهيان،
سندم پيار ۾ ڪو به وٽ سٽ نه آهي.

سڄڻ آئون تنهنجو سدائين چوايان،
سندم دل ۾ تولءِ ڪڏهن ڪٽ نه آهي.

اوهان جو ئي آهيان اوهان جو ئي رهندس،
اوهان جو قسم ڪو به پيو گهٽ نه آهي.

يقين آهي مونکي اٿي تون ئي هوندين،
سندم لاءِ پيو ڪو به چٽ نه آهي.

يقين رکجو هر دم خدا ۾ اي سهڻا،
هي 'عاطف' اوهانجو ڪو چرپٽ نه آهي.

١٩- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

## (١٠)

چوين ٿو ٿون مونکي ڇڙيو ۽ ڇڙيو،
۽ پائين ٿو پاڪر پيو ۽ پيو.

جتي تو سڏيو آهي مونکي سڄڻ،
مان اينڊس آتي پر وريو ۽ وريو.

صبح شام توکي سڄڻ ساريان،
جيان پيو هتي مان مريو ۽ مريو.

ٿون هر وقت منهنجي اکين ۾ رهين ٿو،
آهيان يار تو لئه ڇريو ۽ ڇريو.

سندم ساهه ۽ سر جو ٿون ئي ڌڻي،
ڏسان پيو آئون توکي ٺريو ۽ ٺريو.

رکي دل ۾ ياديون پيو 'عاطف' جيئي،
سنڌ ياد ۾ هت ڳريو ۽ ڳريو.

٢٠- ڊسمبر ١٩٨٠، هالا

Gul Hayat Institute

( ١١ )

جو پيار آهين منهنجو يار آهين - منهنجو سهڻا سڄڻ دلدار آهين،
جي جان آهين منهنجو ساه آهين - منهنجو پيارا پرين منٺار آهين.

گهڙي آ خدا کان اها ئي دعا - تنهنجي ٻانهن ۾ آئون يار جيان،
لف اچي تنهنجي ٻانهن ۾ - رڳو تون ئي ته منهنجو يار آهين.

جي ٻانهن ۾ مونکي تون رکجان - تن ٻانهن ۾ آئون جيان ۽ مران،
عمر وجي تن ٻانهن ۾ - تون ئي منهنجي ڳلي جو هار آهين.

ب آئي خيالن ۾ ٻنهنجي - وينو تو کي رڳو مان يار ڏسان،
ن سور سليان تنهنجا سور ٻڌان - منهنجو تون ئي سڄڻ غمخوار آهين.

ان دور رهين تون منهنجا پرين - اهو وقت آ مون لا قيامت جو،
ونکان نه ٿي منهنجي ويجهو اچ - تون ئي پيارا پرين منهنجو پيار آهين،

نيا ڳالهيون هزار ڪري - تون منهنجي وفا تي يقين رکجان،
تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس - تون ئي منهنجي اکين جو ٺار آهين.

منهنجو همت تو جهليو همٿ ۾ - تڏهن کان ئي سنده 'عاطف' آئون ٿيس،
قابو وري تون نه همٿ ڇڏجان - منهنجو تون ئي سڄڻ آڌار آهين.

هالا ٢٠- ڊسمبر ١٩٨٠،

Gul Hayat Institute

( ١٢ )

اوهان سان ملڻ لاءِ بيتاب آهيان،
ملي پر وڃن گر توهان ڏي ئي ڪاهيان.

سنڌ ۾ بـي وسيءَ تـي رُنو آسمان اڄ،
عجب مان ڏٺئين پي تہ ڪيئن زنده آهيان.

هـي بـرسات مونکي ستائي ٿي هـر هـر،
پـلا ڪنهن جي سامهون وڃي هن ٿي داهيان.

ڪري ياد مونکي رُنو تو بہ هوندو،
پري توکان ٿي يار خوش مان بہ ناهيان.

ڪري ٻاڙ ڪي تنهنجي نالي ڇڏيو مون،
خبر ڪنهنکي ڪهڙي تہ ڇا ڇا تو مان چاهيان.

هلي آ هتي تون يـا مونکي سڏي وٺ،
سڄڻ تنهنجو 'عاطف' تہ آئون ئي آهيان.

٢ - ڊسمبر ١٩٨٠، هالا

Gul Hayat Institute

( ١٣ )

ضرورت هئم جنهنجي سو يار مليو،
گهريم جو خدا کان آهو يار مليو.

جڏهن هن محبت مان مرڪي نهاريو،
تڏهن کان ٿي مونکي هي سنسار مليو.

محبت مان هن مونکي پاڪر آ پاتو،
مون چاهيو ٿي جيڪو اهو هار مليو.

رسوا هن کان يارو ڪيڏهن ڪونه ويندس،
ضرورت هئي جنهنجي سو منٺار مليو.

خدايا اسان تي ڪرم ڪر سدائين،
سنڌ ۽ مهربانيءَ سان غمخوار مليو.

بلند بخت 'عاطف' آهين هن جهان ۾،
وفادار محبوب دلدار مليو.

Gul Hayat Institute

٢ – ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

( ١٤ )

اوهان کان ڏار ٿي حالت عجيب آ دل جي،
نگاهہ ۾ رڳو آهي تلاش منزل جي.

نگاهون منهنجون سدائين اوهان کي ڳولهين ٿيون،
اوهان جي ناهيو تہ پو ڳالهہ کهڙي محفل جي.

ڇڏي هي دنيا سموري لڳس اوهان جي پنيان،
مجبر شروع کان وٺي هر صلاح هن دل جي.

مون پنهنجي ڳالهہ ڇڏي آ اوهان جي سامهون سچ،
مونکي نہ آهي ضرورت ڪا ڪنهن بہ عادل جي.

سفر ۾ سات رهيو گر اوهانجو مونسان صنم،
تہ پوءِ پروا ٿي ناهي ڪا ڪنهن بہ مشڪل جي.

جدا اوهان کان نہ ٿيندو سچ ڪڏهن 'عاطف'،
ڀلي صلاح ملي مونکي ڪنهن بہ عاقل جي.

هالا ٢٢ - ڊسمبر ١٩٨٠ع

Gul Hayat Institute

## (١٥)

اکڙين ۾ تون رهين ٿو دل ۾ ٻه تون وسين ٿو،
آهيان مان تنهنجو سڀ ڪجهه ۽ دُور ڇو رهين ٿو.

توکي يقين آهي منهنجي وفا تي پيارا،
ماڻهون چون ٿا جيڪي انهن جي ڇو ٻڌين ٿو.

ديوانگي سڏيان يا هن کي چوان مُحبت،
هر هنڌ ڏسان ٿو توکي خوابن ۾ تون اچين ٿو.

دنيا جي پروا ڇاليءَ ڪريون اي يار پيارا،
دنيا ڪري ڇا سگهندي ان کان تون ڇو ٻچين ٿو.

منهنجي اکين سان ڪو پيو توکي ڏسي ته سمجهي،
اي منهنجا پيارا دلبر منهنجو تون ڇا لڳين ٿو.

تنهنجي ئي مست نظرن ديوانو آ بنايو،
اج مرڪي مرڪي مونکي ماري تون ڀر ڇڏين ٿو.

ان وقت هن جهان کان بيگانو مان ٿيان ٿو،
جنهن پل اچي تون ويجهو مونکي ڪلي ڏسين ٿو.

منهنجو آ ُچين تو وٽ منهنجو آ ساهه تو سان،
آهين تون يار 'عاطف' ۽ دير ڇو ڪرين ٿو.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

(١٦)

هزارين سال جيو خوش رهو عزيزن سان،
سدائين پيار ڪريو پنهنجي هت رفيقن سان.

توهان جي دل ۾ سڀن لاءِ آهي پيار سدا،
توهان جو ساٿ رهيو آهي هت غريبن سان.

هي سور، درد ۽ غم سڀ توهان کان دور هجن،
گهرون دعائون سدائين ٿا گڏ ڦقيرن سان.

دعا ڪري ٿي توهان لاءِ هرڪا دل حساس،
توهان نه پيائي رکي آ ڪڏهن قريبن سان.

توهان جو سايو رهي شل سدا اسان جي مٿان،
ملي ٿو پيار توهان جهڙو هت نصيبن سان.

دعا گهري ٿو خدا کان توهان جي لاءِ 'عاطف'
سدائين خوش ٿي رهو پنهنجي هت حبيبن سان.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع هالا،

نوٽ: هي غزل طالب المولى سائين تان لکيو اٿم.
'عاطف'

Gul Hayat Institute

(١٧)

ڪڏهن ڪانه ٿيندي اسان ۾ جدائي
پلي زور لائي هي ساري خدائي.
اسان پيار ۾ پوچيو هڪ ٻئي کي،
اسان ڏار آ هڪڙي دنيا وسائي.
ازل کان وني هڪ ٻئي کي ٿا چاهيون،
سوا هڪ ٻئي جي نه ٻي ڪا به وائي.
نه دولت کپي سون نه دنيا کپي سون،
کپي ٿي فقط يار جي آشنائي.
ڇڏي دين دنيا ٿياسون سڄڻ جا،
اسان پنهنجي دل آ سڄڻ سان ملائي.
نه ڪنهن کي ڇئون ٿا نه ڪنهن جي ٻڌون ٿا،
اسان پرت ۾ ريت سا گهي هلائي.
دعائون ڪريون پيا سڀن کي سدائين،
اسان جي دلين ۾ نه آهي برائي.
پلي آزمايو اسان جي محبت،
وري پوءِ ڏسجو اسان جي چريائي.
اسان جي دلين ۾ نه ڪنهن لاءِ عداوت،
نه ڪنهن لاءِ برائي نه ڪنهن لاءِ پيائي.
اسان پيار ۾ پاڻ کي آ پچايو،
سدا چاهيون ٿا سڀن جي ڀلائي.
محبت ڪندي هت ڏسي ڪو نه سگهندي،
اي 'عاطف' هي دنيا سڙي ٿي اجائي.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ١٨ )

بادل به آهن بيٺا منظر هي سهانو آ،
عاشق هي سنده هردم هت غم جو نشانو آ.

مونکي ٿا ڏسن بادل حيرت مان هتي هر هر،
بس آئون جلان پيو ۽ خوش سارو زمانو آ.

موسم کي ڏسي آئون پريان پيو رڳو آهون،
ساجن کان سوا هاڻي دنيا ته ويرانو آ،

هڪ سال اچا دوري هي پيار جي مجبوري،
سوچيان پيو رڳو سهڻا هي ڪهڙو بهانو آ.

هڪ ڏينهن نه گذري ڪئن سال گذاريندس،
سڀ تو کان جدا مونکي چوندا ته ديوانو آ.

معشوق ته هوندا سڀ هنوقت عشاقن وٽ،
تون دور رهين مونکان هي غم جو بهانو آ.

توئي ته چيو هو هي مونکان نه پري رهجان،
ڇو دير ڪرين پيو تون هي ڪهڙو فسانو آ.

تو وٽ به آهن پيارا ماضيءَ جا حسين لمحا،
مون وٽ به ته تو وانگر يادن جو خزانو آ.

ڌن دولت، دنيا ۽ دستور زماني جو،
'عاطف' هي سنده اڪيلهه هر شيءِ کان بيگانو آ.

٢٦- ڊسمبر ١٩٨٠ع، هالا

Gul Hayat Institute

پلا توکي ڇڏي ڪيڏنهن مان ويندس، سنڌ ۾ تون ئي ته آهين
يار سڄڻ،
جنم ورتو آ مون تو لاءِ پيارا، مونکي پروا فقط تنهنجي رهي آ.

سڄي دنيا ۾ هڪ تون ئي ته آهين، سنڌ خاطر ڪٽان پيو ساهه هٿ مان،
سڄي سنسار ۾ تنهنجو ئي آهيان، هي ڳالهيون سڀ سنڌ ۾ دل چئي
رهي آ.

سڄڻ سهڻا سدائين ياد رکجان، پلي دنيا چوي مونکي نه ڇڏ جان،
آهين دولت ۽ دنيا تون ئي منهنجي، سنڌ الفت ته تنهنجي ئي رهي آ.

سڄڻ ’عاطف‘ سان تون هردم وفا ڪر، پلي دنيا سڙي هن کي
سڙڻ ڏي،
سنڌ ۾ تقدير ۾ تون ته آهين، سنڌ ۾ تقدير تنهنجي ئي رهي آ.

٢- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

## ( ٢٠ )

ڄُدا توکان جاني آئون جي ڇا ڪندس،
سوا توکان مٺڙا رهي ڇا ڪندس.

ڏٺو مون آ تَوڏي آزل کان وٺي،
ڀِسوا توکان ٻئي ڏي ڏسي ڇا ڪندس.

سند ۽ مست نظرن ٻُڌايو ڇريو،
ڀلا آئون ٻي ڏي وڃي ڇا ڪندس.

فقط تنهنجي صورت اٿم دل اندر،
ڀِسوا تنهنجي ٻئي سان ملي ڇا ڪندس.

رڳو تون سمايل آهين ذهن ۾،
سوا توکان ڪنهن سان ڳِلي ڇا ڪندس.

ڪيو آهي قابو ڏئي قرب تو،
ٻين سان يـاري رکي ڇا ڪندس.

سند ۽ واسطي منهنجي هر ڪا وفا،
ڀلا آئون توکان ڦري ڇا ڪندس.

ڀِسوا توکان منهنجي نظر ۾ نه ڪو،
ٻين ڏي نگاهون کڻي ڇا ڪندس.

جهڪيو تنهنجي سامهون آهيان مان رڳو،
ٻين جي اڳيان پو جهُڪي ڇا ڪندس.

سڄي هن جهان ۾ سندم آهين تون،
اُميدون ٻين ۾ رکي ڇا ڪندس.

مونکي مئه پياري اکين سان آ ئو،
جهان جي شرابن کي پي چا کندس۔

سندم دنيا آهين سڄڻ سائين تون،
ڀلا پو زمانو گهمي چا کندس.

سنڌ ء لال لب کي چمي مون ڏنو،
ڀلا پي به کا شئي چکي چا کندس.

سڄڻ يار 'عاطف' جي منزل به تون،
ته پو قافلن سان هلي چا کندس۔

٩- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ٢١ )

عاشق به تو ڪيو آ شاعر به تو ڪيو آ،
باطن ۾ هوس آئون ظاهر به تو ڪيو آ.

مونکي خبر نه هُئي ڪا ڇا پيار ٿيندو آهي،
اُلفت ۾ يار مونکي ماهر به تو ڪيو آ.

هن ڪائنات ڪان وڌ تنهنجو آ پيار مون لئه،
اُلفت ۾ يار مونکي طاهر به تو ڪيو آ،

منهنجي دل و جگر ۾ تون ئي آهين سمايل،
مونکي اي منهنجا مٺڙا عاطر به تو ڪيو آ.

اڳ صبر و شڪر ڪان مان نا آشنا هُئس پر،
ڏئي پيار ۾ جدائي صابر به تو ڪيو آ.

آئون هُئس هميشه هر عام انسان جهڙو،
مونسان ڪري محبت ساحر به تو ڪيو آ.

رنج و الم جهان جي مونکي گهڻو ستايو،
پر پيار ڏيئي مونکي صابر به تو ڪيو آ.

مون زندگيءَ ۾ ڪنهن جي سامهون نه ڪنڌ جهڪايو،
پنهنجي اڳيان جهڪڻ لئه قاصر به تو ڪيو آ.

تو جهڙو يار مليو مون شڪر ڪيو خدا جو،
مطلب نه ٿيو اهو ئي شاڪر به تو ڪيو آ.

’عاطف‘ هئوئي هاريل دنيا جي رنج و غم ڪان،
اڪثر مان مٺي پياري ناصر به تو ڪيو آ.

١١- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ٢٢ )

دل ھئم ھڪڙي ڏني تم سا تہ پنھنجي يار کي،
زندگي سمجھان تـو آئـون ھـن منھنجي دلدار کي.

رات ڏينھن ۽ صبح و سانجھي ھت پري ھن کان گھٽو،
”ياد ھردم تـو ڪريان پنھنجي مٺي منٺار کي“.

ھن کي سامھون پنھنجي آڻي ان جي قدمن ۾ رھي،
پو رڳـو وينو ڏسان ھـن حسن جي سرڪار کي.

ھوئي منھنجي زنـدگي ۽ ھـوئي منھنجي بندگي،
پو پلا آئـون ڪريان ڇـا ھن سڄي سنسار کي.

ھر گھڙي ڦٿڪان پيو آئون ياد دلبر کي ڪري،
وقـت ٿي ويـو آ گھڻو محبوب جـي ديدار کي.

ياد ھـن جيءَ سان ٿي اڄ تائين مان زنده آھيان،
۽ پـلا پو ڪيئن وساريندس انھيءَ جي پيار کي.

پيار سـان منھنجي سڄـڻ مونکي لڳايو ھـو گلي،
ياد آئـون پيو ڪريان پاھـن ٻنھي جي ھار کي.

آرزو آھـي سندم سھڻي جـي قدمن کـي چمان،
آئـون رکندس يـاد ھـردم دوستي ۽ يـار کي.

زنـدگي ۾ آ ضـرورت ھـڪ فقط ھـن يـار جي،
يـاد ’عاطف‘ رکندو ھـردم ھـن مٺي منٺار کي.

١١- جنوري ١٩٨١ع، ھالا

( ٢٣ )

اُداسائي ٿي ختم آيو جڏهن مطلوب محفل ۾،
فقط مون سان هو سهڻو هئو منسوب محفل ۾،

اچڻ کان ان جي پهرين سين سوچيو پئي ته ڇا هوندو،
"سڀئي حيران ٿيا آيو جڏهن محبوب محفل ۾."

انهيءَ محفل ۾ هر پاسي هزارين حُسن وارا هئا،
مگر سڀني جي وچ ۾ هو لڳو پئي خوب محفل ۾.

جڏهن سهڻي محبت مان ڪلي مون ڏي ڪنيون اکڙيون،
انهي دم کان وٺي ان جو ٿيس مرغوب محفل ۾.

سڄي محفل ڪيو ٿي رشڪ منهنجي خوش نصيبيءَ تي،
سڀن سامهون ڪلي مونسان مليو محبوب محفل ۾.

سرِ محفل ڪيو اقرار هن مونسان محبت جو،
چيائين آهيان 'عاطف' جو رڳو محبوب محفل ۾.

١٥- جنوري ١٩٨١ع، هالا

( ٢٤ )

مونکي تنهنجو قسم تون ئي منهنجو صنم،
توسان الفت ڪرڻ منهنجو پهريون آ ڪم.

آئون تنهنجو آهيان تون يقين رک اهو،
۽ ڏئي ڇڏ مونکي سنڌ ساروئي غم.

منهنجي چاهت به تون منهنجي پوڄا به تون،
تنهنجون پياريون اکيون تيڻ ڏيندس نه نم.

مون نگاهون کڻي صرف توکي ڏنو،
صرف توڏي ئي وڌندو سندم هر قدم.

تنهنجو ديدار ئي منهنجي طاعت اٿئي،
مونکي بخشيو آ تو لئه خدا هي جنم.

آئون توکان جدا جي نه سگهندس ڪڏهن،
منهنجو آهي سڄڻ تنهنجي دم سان ئي دم.

پاڻ کي دنيا وارا الڳ ڇا ڪندا،
پاڻ تي آهي پنهنجي خدا جو ڪرم.

تنهنجي لئه ڏن نه ڇا هن جهان کي ڇڏيان،
سهندو 'عاطف' سنڌ ڪاڻ هرڪو ستم.

١٢- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

## ( ۲۵ )

لال لب ۽ مست نظرن سان نهوڙي تو ڇڏيو،
مونکي پنهنجي مشڪبن زلفن ۾ وڪوڙي تو ڇڏيو.

تنهنجي جلوُن ڀرين مونکي هوش کان ٻاهر ڪيو،
قهر آهي پنهنجي زلفن کي به ڇوڙي تو ڇڏيو،

مون ڪئي تو سان وفا توکي خبر آهي اها،
پيار ۾ منهنجا مٺا مونکي پروڙي تو ڇڏيو.

منهن جي تنهنجي وچ ۾ هو دنيا جو هڪ ليڪو لڳل،
پر ڪري مونسان وفا ليڪي کي توڙي تو ڇڏيو.

مون بنايو آ وفائن جو حسين پختو محل،
۽ وري ان ۾ سڄڻ خود کي به جوڙي تو ڇڏيو.

عشق ۾ دنيا ڇڏي مونسان ڪئي آ تو وفا،
هن زماني جي اصولن کي به موڙي تو ڇڏيو.

تنهنجون واٽون تنهنجا رستا تنهنجو 'عاطف' ٻيو ڏسي،
قلب ۾ هي عشق جو اڄ تير کوڙي تو ڇڏيو.

۱۱- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

Gul Hayat Institute

## ( ٢٦ )

اڄ منهنجا سڄڻ ڪري مون تي ڪرم،
ڇڏي دنيا رک الفت جو ڀرم.

منهنجو جيون تو لئه آهي فقط،
تنهنجي ياد سوا ناهي مونکي ٻيو ڪم،

مون پنهنجون خوشيون آهن توکي ڏنيون،
تون تنهنجو مونکي ڏي سارو ئي غم.

سڀ وعدا ڪيل آئون پورا ڪندس،
مونکي تنهنجي سر جو آهي قسم.

منهنجي هر ڪا خوشي آهي تو سان سڄڻ،
منهنجي دل ۾ فقط تون ئي آهين صنم.

شب روز سندءِ سڪ ۾ پيو سڪان،
جي سڄڻ نه ايندين ته ويندو دم.

مان تو سان سدائين وفا پيو ڪندس،
ٻو لوڪ ڀلي ڪري مون تي ستم.

تنهنجو 'عاطف' توڙي وڙندو مٽا،
پري توکان سڄڻ ڪونه ڪڍندو قدم.

١٥- جنوري ١٩٨١ع، هالا

( ٢٧ )

اهو عشق پيارا لڪڻ وارو ناهي،
زماني سڄي کي خبر پنهنجي آهي.

تون منهنجو آهين ۽ مان تنهنجو ئي آهيان،
ته پوءِ هن جهان جي ڪا پرواه ڇاهي.

اسان جي ملڻ تان زمانو سڙي ٿو،
ڀلي پيو سڙي ڪنهن جي پرواه ناهي.

سڄڻ پيار ۾ ٿيندي رسوائي آهي،
نه هٿبو ڀلي ڪو فسانو پيو ناهي.

زمانو ڀلي پاڻ کي آزمائي،
محبت تي بيٺا آهيون لاهي پاهي.

ڪيو آ مون تو سان نڀائڻ جو وعدو،
انهيءَ قول کي پورو ڪرڻو ئي آهي.

وڏي عشق ڏي مون ڇڏيو عقل کي آ،
اچي رسبو تو وٽ سڄڻ ڪاهي.

اکين ۾ ذهن ۾ ۽ دل ۾ رکيو تون،
سوا تو ڪان تنهنجو ڇريو ڇا ٿو چاهي.

نه ڇڏجان سڄڻ آهي 'عاطف' هي تنهنجو،
۽ ڏيو آهي تو ڏي سيني خوف لاهي.

١١- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ٢٨ )

رکي ناتو ان کي نيائڻ اچي ٿو،
پراون کي پنهنجو بنائڻ اچي ٿو.

جهان کان ملبل غم کيا کو نه ظاهر،
سچڻ سور دل ۾ لکائڻ اچي ٿو.

ڀلي زور لائي زمانو هزارين،
اسان کي سچڻ جو چوائڻ اچي ٿو.

نکو ڏپ آ کنهن جو نکا کنهنجي پروا،
اسان کي زمانو جهکائڻ اچي ٿو.

وڏي پرت ۾ پوئتي کو نه ڀمبو،
نکو ڏي قدم کي هٽائڻ اچي ٿو.

ڇڙي پنهنجا پوندا مگر کيستائين،
وري پو انهن کي مچائڻ اچي ٿو.

اچا عشق جي ابتدا آهي يارو،
انهيءَ کي وفا سان نيائڻ اچي ٿو.

محبت جي باهن جي مون کي خبر آ،
کري پيار خود کي پچائڻ اچي ٿو.

توهان آهي 'عاطف' جي چپ کي ڏٺو پر،
کڇياسين ته سڀ کجهه ٻڌائڻ اچي ٿو.

١٧- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ۲۹ )

مان تنهنجي ئي سهاري جيئندس سدا اي سهڻا،
تون هر قدم تي مون سان ڪر پيو وفا اي سهڻا.

مون کي ڪڏهن نه ڇڏجان منهنجو سدائين رهجان،
بي چين ڌڙڪنن جي هيءَ آ سدا اي سهڻا.

جيڏهن اکيون ڪڻان ٿو توکي ڏسي پيو ڏسان ٿو،
تو ڏسي ڪيو آ زخمي تون ڏسي دوا اي سهڻا.

تنهنجي فراق مون کي آهي چريو بنايو،
ڇا جي ڪندس ڀلا مان توکان سوا اي سهڻا.

مولي جي هيڪڙائي تسليم ٿو ڪريان مان،
انهيءَ ڪان پو مجازي آهين خدا اي سهڻا.

خوابن ۾ تون ڏسي آهين چاهت سندم آ تو سان،
توکان سوا جهان ۾ ڇاهي ڀلا اي سهڻا.

منهنجي سڀئي خوشي آ تنهنجي خوشين سان پيارا،
ذڪر آ زبان تي دلبر تنهنجو سدا اي سهڻا.

آهي دعا هميشه گڏ گذري زندگاني،
مون کان تجان نه هرگز پر تون خفا اي سهڻا.

’عاطف‘ ته آهي تنهنجو تو سان ڏسي زندگي آ،
ڪيئن ساهه آئون ڪڻندس توکان جدا اي سهڻا.

۱۷- جنوري، ۱۹۸۱ع، هالا

(٣٠)

سڄڻ جي ياد کي آهي مون پنهنجي زندگي سمجهيو،
جهان وارن انهيءَ کي منهنجي آ ديوانگي سمجهيو.

ڪيو آهي سڄڻ وعدو نه مونکان هو جدا ٿيندو،
خوشيءَ مان مون ڏنو هن ڏي ۽ هن حيرانگي سمجهيو.

مان چاهيان ٿو گذاريان زندگي هن جي ٿي قدمن ۾،
انهيءَ جي ديد کي آهي مون پنهنجي بندگي سمجهيو.

رڳو هر وقت پيو سهڻي سڄڻ جي لئه دعا ڪريان،
”مون جنهنجي ذات کي هر وقت پنهنجي زندگي سمجهيو.“

گهڻن ڏينهن کان پوءِ آئون ويس دلبر جي خدمت ۾،
خموشيءَ مان مليو مونسان ۽ مون ناراضگي سمجهيو.

ڏياريو مون يقين هن کي ته ’عاطف‘ آ فقط تنهنجو،
کلي مون کي چيائين ان کي مون آ پختگي سمجهيو.

٢٥- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ۳۱ )

فراق تنهنجي بڻائي ڇڏيو آ ديوانو،
تون ئي ٻڌاءِ وڃي ڪيڏهن تنهنجو پروانو.

تنهنجي ئي هجر ۾ منهنجو آ هيڻو حال ٿيو،
سنڌ ۾ نه هوندي لڳي ٿي هي دنيا ويرانو.

سڀئي پڇن ٿا مونکان، تنهنجو حال هي ڪيئن ٿيو،
ڀلا ٻڌايان انهن کي آئون ڪهڙو افسانو.

اي يار پل به نٿو گذري هاڻ تو کان سوا،
وري خوشيءَ کان به ٿيندو وڃان پيو بيگانو.

گهڻو ئي پنهنجي محبت کي مخفي مون رکيو،
سڀئي سمجهي ويا آهيان تنهنجو مستانو.

تنهنجي عشق ۾ ’عاطف‘ ڇڏيو آ هر شئي کي،
۽ تنهنجي خدمت ۾ دل ڏنائين نذرانو.

Gul Hayat Institute

۲۵- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

( ٣٢ )

زندگي ڪيئن گذرندي اي دلربا توکان سوا،
ان کان پهرين مون گهري آهي مرڻ جي لئہ دعا.

مون تہ چاهيو آهي سهڻا توسان گڏ زنده رهان،
۽ وري توسان مران هي ڏئي رهي آ دل صدا.

منهنجون خوشيون توکي ۽ تنهنجا ملن سڀ غم مونکي،
نيٺ هڪڙي ڏينهن منهنجي هي دعا ٻڌندو خُدا.

هڪ طرف بس تون هجين ۽ ٻئي طرف دنيا سڄي،
آئون ايندس توڏي ۽ دنيا سان منهنجو آهي ڇا.

هئس تنهنجو آهيان تنهنجو، تنهنجو ئي رهندس سدا،
آزمائي ڏس مونکي منهنجي آ توسان ئي وفا.

تنهنجي الفت جي سهاري ئي تہ 'عاطف' زنده آهه،
مان ڀلا ڇو چاڪندس مونکان جي ٿيندين تون خفا.

٢٧- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

(۳۳)

اي جانِ غزل اي جانِ وفا، تون مون کان تجان هرگز نہ خفا،
او منهنجا پرين او منهنجا مٺا، آئون توسان ڪندس پيو سدائين وفا.

منهنجو دين ايمان آهين ير تون، منهنجو ساهہ ۽ مان آهين ير تون،
منهنجي جند ۽ جان بہ تون ئي آهين، جي سگهندس ڪونہ مان تو کان سوا.

منهنجي دل ۾ تون هر وقت آهين، منهنجي اکڙين ۾ تو تون ئي وسين،
منهنجي ذهن تي ڇانيل آهين تون، مونکي آهي رڳو تنهنجي
سار سدا.

ڪٿي صبح هجي يا شام هجي، هر وقت پيو توکي ياد ڪريان،
۽ خوابن ۾ توکي تو ڏسان، تولاءِ سندم دل آهي صفا.

منهنجي سيج رڳو آهي تنهنجي لئہ، تنهنجو گهونگهٽ فقط آهي مون لئہ،
سڀ وعدا ڪندس مان پنهنجا وفا، توکي ڪونہ ڪندس آئون
يار خفا.

دنيا وارا مون کي ٿا چون، تنهنجو يار دغا ڏيندو توکي،
اڻ ڄاڻ آهن هو ڇا ڄاڻن، الفت ۾ ٿيندي ناهي دغا.

منهنجو وعدو ڪيل آهي توسان، جيئندس توسان مرندس توسان،
مونکي تنهنجو قسم جنت نہ ملي، جي توسان ڪريان مان يار جفا.

منهنجي قسمت ۾ رڳو تون آهين، بيو ڪو ناهي ير توکان سوا،
اڄ 'عاطف' ڏي تون قرب ڪري، هر ڌڙڪن جي هيءَ آهي صدا.

۲۹- جنوري ۱۹۸۱ع، هالا

( ٣٤ )

سنڌ ۾ صبح ۽ شام اٿم سار پيارا،
سنڌم زندگي تون آهين يار پيارا.

ملي جي وڃن مونکي تنهنجا سڀئي غم،
پو ڀي ڇا ڪجي مونکي منٺار پيارا.

سوا توکان سهڻا نٿو وقت گذري،
اچي مون ڏي مونکي ڏي ديدار پيارا.

آهيان يار تنهنجو سڄڻ ڪي خبر آ،
سنڌ ۾ سڀئي ڪٽندس انگل آر پيارا.

خبر ڪهڙي دنيا کي منهنجي اندر جي،
رڳو چاهيان ٿو سنڌ ۾ پيار پيارا.

محبت ۾ دنيا جي پروا نه ڪر تون،
گلن سان ٿيندا آهن خار، پيارا.

زماني جي ماڻهن گهڻئي آ ستايو،
مگر توکان 'عاطف' نه ٿيو ڌار پيارا.

٣٠- جنوري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

آئون پيا سو آهيان جنهنجي ديدار جو-
هو جي خود کي لڪائي ته پو چا ڪجي،
جنهنجي نيڻن ڪيو آهي مون کي چريو-
سو ئي نظرون بچائي ته پو چا ڪجي.

جنهنجي خاطر ڇڏي مون هي دنيا سڄي-
جنهن کي پنهنجي بڻائي اٿم زندگي،
جنهنجي الفت کي سمجهان ٿو مان بندگي-
جي اهو ئي ستائي ته پو چا ڪجي.

هن کان ناراض ٿي خود پريشان آهيان-
ء وري هاڻ ويٺو مان هي سوچيان،
"اڄ رٺل کي اگر هو گهرائي ڪٺي-
کو اسان کي ٻڌائي ته پو چا ڪجي."

دل جو دلدار جيڪر گهرائي مون کي-
چاهه سان منهنجي ويجهو اچي هڪ ٿئي،
پنهنجي پر ۾ وهاري کي ڳالهيون ڪري-
ڪو بهانو بڻائي ته پو چا ڪجي.

Gul Hayat Institute

سڀ ٿا چاهين هن کان پري مان رهان-
کو ٻڌائي جدا هن کان ٿي ڪيئن جيان،
هن جو مون سان ملڻ آ ازل کان لکيل-
خود ئي قدرت ملائي ته پو چا ڪجي.

پيار ۾ جيکي دنيا آهن ڏک ڏنا-
سي اٿم سيئي سهڻل جي خاطر سٺا،
درد دل جي دوا جنهن کي سمجهان ٿو مان-
سو ئي دل کي جلائي ته پو چا ڪجي.

پروسو رکبو 'عاطف' خدا ۾ سدا.
نيت هڪ ڏينهن منزل تي پهچائيندو،
مان سندس ٿي سهاري هلان پيو مگر.
جي اهو ٿي رلائي ته پو ڇا ڪجي.

٤- فيبروري ١٩٨١ع، ڪراچي

Gul Hayat Institute

( ٣٦ )

سنڌي هو جهان ۾ سنڌ تون ٿئي همدم،
سنڌ جي مٿي رک امان تنهنجو هر دم.

سنڌ مسجد ۾ جيڏو اثر دور پيارا،
انهيءَ جو ئي آهين فقط تون ئي مرهم.

جيسي دوري آ ئوري وري نيٺ مليو،
تون مضبوط رک دل جهان جو ٿو ڪر غم.

نه ملياسون جڏهن ته ٻيو يار ڇا ٿيو،
مري نيٺ مليو نه ڪيرا ڪريون نم.

سنڌ ديد ڏسي منهنجي آهي عبادت،
توکي خوش رکي ٿي ثوابن جو آ ڪم.

ٻلي دنيا وارا ستم ڪن هزارين،
نه هندو جو توڙي وڏايو قدم تم.

مان دنيا جا دستور توڙي ڇڏيندس،
مون کي تون نه ڇڏجان ڪڏهن منهنجا همدم.

سنڌ پيار ۾ آهي سڀ ڪجهه ڇڏيو مون،
نه توکي ڇڏيندس ٻلي لوڪ ڏي غم.

ٻري توکان 'عاطف' مري ڪونه سگهندو،
ٻنهي تنهنجي ٻانهن ۾ ويندو سندس دم.

١٠- فيبروري ١٩٨١، هالا

Gul Hayat Institute

## ( ٣٧ )

سندءِ مست نظرن سان پياري هليو وئين،
سندم دل کي ساجن تون ڳاري هليو وئين.

محبت کان ڀرين نه جيڙو هئس مان،
ڪري پيار ان تي تون ماري هليو وئين.

اها رات آهي صنم ياد مون کي،
گلي سان لڳائي جياري هليو وئين.

مون تو کي گهڻي روڪيو پر نه بيٺين،
محبت سان مُرڪي نهاري هليو وئين.

ڪري واعدو يار آئين تون مون وٽ،
سندءِ واعدو ٻيو ڀڄاري هليو وئين.

اڃا ڪان سندءِ اڳ هئا درد دل ۾،
سڪون دل کي تون بر ڏياري هليو وئين.

سڄي تنهنجو عاطف ٿيو آڙاهه ۾ هت،
محبت جي جا ٻاه ٻاري هليو وئين.

١٠- فيبروري ١٩٨١ع، هالا

Gul Hayat Institute

( ٣٨ )

منهنجو شان آهين منهنجو مان آهين -
تون ئي سهڻا سچ منهنجي جان آهين،
منهنجو يار آهين دلدار آهين -
منهنجو پيارا پرين ايمان آهين .

پلا توکي ڇڏي مان وڃان ڪيڏهن -
دنيا ڏي وري ڇا لاءِ ڏسان،
منهنجو رشتو فقط تو سان ائين -
منهنجو تون ئي ته پيارا جهان آهين.

منهنجي جسد ۽ جان به تو سان آ -
منهنجي دل جو قرار به تو وٽ آ،
جدا توکان پلا ڪيئن زنده رهان -
تون ئي منهنجي جيئڻ جو سامان آهين .

ڏينهن رات رڙان پيو توکان پري -
منهنجو پل به سوا تو نٿو گذري،
هر روز مريو پيو يار جيان -
مون کان دور پلا ڇو جان آهين .

جيئن گل سان خوشبو گڏ ٿي رهي -
جيئن دل سان ڌڙڪن گڏ ٿي رهي،
تيئن آئون ۽ تون گڏ آهيون سدا -
تون منهنجي پريت جو شان آهين .

جو ڪجهه به آهيان سو تنهنجي ڪري -
شاعر به مونکي تو ئي آ ڪيو،
منهنجي سوچ جو مرڪز تون آهين -
منهنجي غزلن جو ديوان آهين .

هر ساھ ۾ تنھنجي خوشبو اچي ـ
تنھنجي يادن ۾ 'عاطف' سجدو ڪري،
ايندين يار ڪڏھن تون قرب ڪري ـ
تون منھنجو سڀ ڪجھ ارمان آھين.

١٨- فيبروري ١٩٨١ع، ھالا

Gul Hayat Institute

# چھين ڪتابي ڪڙي

اداره ڏات ڪتابي سلسلو باوجود محدود وسائل ۽ مشڪلات جي اوڻيهه سئو ڇهاسي کان اپريل اوڻيهه سئو ستاسي تائين سنڌي ٻوليءَ جون پنج ادبي ڪڙيون علم دوست سنگت آڏو پيش ڪري، عزم جي پختگي جو ثبوت ڏنو آهي.

"پاڻ مراديون ڳالهڙيون" اداري جو ڇهون ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ آهي جنهنجو لکندڙ، نئين ٽهي جو صاحب طرز ۽ پسنديده شاعر مخدوم سعيدالزمان صاحب 'عاطف' سروري ڪنهن به رواجي تعارف يا سڃاڻپ ڪرائڻ جو محتاج ڪونهي. سندس ڪلام ۾ نواڻ جون ڪافي جهلڪيون ۽ چمڪون ڏسڻ ۾ اينديون جنجو اثر هر باذوق ۽ حساس دل محسوس ڪنديءَ.

اداري، سنڌي ٻوليءَ جي محبدارن ۽ پڙهندڙن جي ساٿ سان ٽماهي ڏات ڊائيجسٽ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو آهي، جنهنجو پهريون ڪتاب تمام جلد اوهانجي ذوق جي تسڪين بڻبو.

گذارش آهي ته پنهنجون ادبي لکڻيون، ڪاوشون ۽ اداري بابت رايا هيٺ ڏنل ايڊريس تي موڪليندا رهندا ته جيئن ڏات پنهنجي سلسلي کي جاري رکندي آسمانِ سخن تي نوان ستارا جوڙيندي رهي.

ادارو

ايڊيٽر
ڏات ڪتابي سلسلو
8-A يونٽ نمبر 3- شاهه لطيف آباد
سنڌ.

Gul Hayat Institute